# 12 ربيع الاول سان سيني کي ڇو
# پيار آهي



**23 November 2017**

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

www.dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# 12ربيع الاول سان سيني کي چوپيار آهي

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جڏهن به مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي به شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي ته اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت به صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نه هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. ”فتاوي شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي ته اعتڪاف جي نيت ڪري، ڪجھ دير ذِڪرُالله ڪري پوءِ جيڪو چاهي ڪري (يعني هاڻي چاهي ته کائي پي يا سمهي سگهي ٿو) .

## دُرُودِ پاڪ جي فضيلت

تاجدارِ مدينه، رَاحتِ قلب و سِينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ رحمت نشان آهي: جنهن مون تي هڪ ڀيرو دُرُودِ پاڪ پڙهيو، الله عَزَّوَجَلَّ ان تي ڏھ (10) رَحمتون نازِل فرمائيندو آهي ۽ جيڪو مون تي ڏھ (10) ڀيرا دُرُودِ پاڪ پڙهي

الله عَزَّوَجَلَّ ان تي سو (100) رحمتون نازل فرمائيندو آهي ۽ جيڪو مون تي سو (100) ڀيرا دُرُودِ پاڪ پڙهي الله عَزَّوَجَلَّ ان جي ٻنهي اکين جي وچ ۾ لکندو آهي تہ هي نِفاق ۽ جهنَّم جي باھ کان آزاد آهي ۽ ان کي قيامت جي ڏينهن شهيدن سان گڏ رکندو. (معجم الاوسط، 5 /252،حديث:،حديث:7235)

پڑھو سلام کرو ڈُوب کر مَحَبَّت میں
دُرُودِ پاک کی کثرت نَبی کی آمد ہے

(وسائلِ بخشش مرمم، ص۴۶۹)

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: "نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ" يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.
المعجم الکبير للطبراني 6، ص 185، الحديث: 5942)

ٻہ مدني گُل:(1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.
(2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجه سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڇائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ چڙٻ ڏيڻ ۽ اُلجهڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي

وڏي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب!　　صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڃو! بيان ڪان پهريان عاشقِ ماهه ميلاد ۽ عاشقِ ماهه رِسالت، اميرِ اهلسنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي عطا ڪيل نعرن سان، ٿي سگهي ته مدني پرچم لوڏي ڪري وڏي جوش ۽ جذبي، محبت ۽ عقيدت سان مرحبا يا مصطفيٰ جي ڌوم مچايو.

45سرڪار جي آمد...مرحبا •• سردار جي آمد ...مرحبا •• آمنه جي پياري جي آمد ...مرحبا
رسولِ مقبول جي آمد ...مرحبا •• پياري جي آمد ...مرحبا •• چڱي جي آمد ... مرحبا
سچي جي آمد ...مرحبا •• سهڻي جي آمد ...مرحبا •• دلبر جي آمد ...مرحبا
مُختار جي آمد ...مرحبا •• مُختار جي آمد ...مرحبا •• مُختار جي آمد ...مرحبا
**مرحبا يا مصطفي　مرحبا يا مصطفي　مرحبا يا مصطفي　مرحبا يا مصطفي**

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب!　　صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## نُورِ مُصطَفٰي جي مُنتَقِل ٿيڻ تي جَشن جو منظر

حضرت علاّمہ شُعَيب حَرِيفِيش رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيۡه فرمائن ٿا:جڏهن نُورِ مُحَمَّدي سَيدتُنا آمِنہ رَضِيَ اللّٰه تَعَالٰى عَنۡهَا ۾ مُنتَقِل ٿيو تہ وڏيون عظيم نِشانيون ظاهر ٿيڻ لڳيون. سڀي مَخلوق هڪ ٻئي کي خوشخبريون ڏيڻ لڳيون، زَمين ۽ آسمان ۾ اِعلان ڪيو ويو: اي عَرش! وَقار ۽ سَنجيدگي جو نِقاب پائي. اي ڪرسِي! فَخر جي زرهہ پاءِ ، اي سِدرَةُ المُنتَهٰي! خُوشيءَ سان جُهوم، اي هيبَت ۽ رُعب ۽ دَبدَبي جا اَنوار! توهان بہ خُوب روشن ٿي وڃو. اي جَنَّت! خُوب سينگارجي وڃ. اي مَحلاّت جون حُورون! توهان بہ بُلندي تان ڏسو. اي رِضوان (جَنَّت جا مالهي)! جَنَّت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ حُورن ۽ غِلمان کي زِينَت سان سينگاري، ڪائنات کي خوشبوئن سان مُعَطّر ڪري ڇڏ. اي مالِڪ (جَهنَّم جا داروغا)!

جَهنَّم جا دروازا بند ڪري ڇڏ چوته اڄوڪي رات منهنجي قُدرَت جي خَزانن ۾ پوشيده نُور ۽ راز عَبدُالله کان جُدا ٿي آمِنہ ڏانهن مُنتَقِل ٿيڻ وارو آهي ۽ جنهن گهڙي اهو نُور مُنتَقِل ٿيندو ته ان جي پيدائش مُڪمَّل ٿي ويندي ۽ اهو نُور ماڻهن اڳيان ڪامل اِنسانِ بڻجي ظاهر ٿيندو. (الروض الفائق،ص۲۴۲ملتقطاً)

ترے خُلق کو حق نے عظیم کہا، تِری خِلق کو حق نے جمیل کیا
کوئی تجھ سا ہُوا ہے نہ ہوگا، شہا تِرے خالقِ حُسن واَدا کی قسم

**مختصر وضاحت:** اي منهنجا رَحمت وارا آقا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! الله عَزَّ وَجَلَّ اوهان جي اَخلاقِ مُبارڪ کي عظيم (تمام بهتر) قرار ڏنو آهي ۽ اوهان جي وِلادَتِ باسعادت هزارين سَعادَتون ۽ بَرڪتون ڪٺي آئي، اهڙي نِرالي ۽ حَسِين ڪنهن جي پيدائش نہ ٿي. منهنجا آقا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! ڀلا اوهان جهڙو ٻيو ڪير ٿي سگهي ٿو؟ ها ها! زمين ۽ آسمان جي پيدا ڪرڻ واري جو قسم آهي "اوهان جهڙو ٻيو ڪوئي ناهي" (شرحِ حدائقِ بخشش،ص۲۲۶)

## هر چوپايو ڳالهائڻ لڳو!

نُورِ مُحَمَّدي پهرين رَجَبُ المُرَجَّب جُمعي جي رات مُنتَقِل ٿيو، جڏهن ته حضرت سَيدُنا اِمام وَاقِدِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي نزديڪ اها جُمَادَي الأُخريٰ جي پندرهين رات هئي. ان رات هر گهر ۽ مَڪان ۾ نُور داخِل ٿي ويو. حضرت سيدُنا اِبنِ عَبّاس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهما فرمائن ٿا: ان رات قُرَيش جي هر چوپايي (فَصِيح زبان سان) ڪلام ڪندي چيو: رَسُولُ الله صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنهنجي والِده ماجِده جي شِڪمِ اَطهر ۾ جَلوَه فرما ٿي چُڪا آهن، رَبّ ڪعبہ جو قسم! پاڻ ڪريم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ دُنيا جي لاءِ اَمان ۽ اَهلِ دُنيا جا چَراغ (Light) آهن.(الروض الفائق،ص۲۴۲)

نِثار تیری چہل پہل پر ہزار عیدیں رَبیعُ الاَوّل سِوائے اِبلیس کے جہاں میں سَبھی تو خوشیاں مَنا رہے ہیں

زمانہ بھر میں یہ قاعدہ ہے کہ جس کا کھانا اُسی کا گانا　　تو نعمتیں جن کی کھا رہے ہیں اُنہیں کے ہم گیت گا رہے ہیں

سردار جي آمد ... مرحبا مختار جي آمد ...مرحبا •• غمخوار جي آمد ...مرحبا ••
تاجدار جي آمد ...مرحبا، شاندار جي آمد ...مرحبا...سالار جي آمد..مرحبا
مرحبا يا مصطفي　مرحبا يا مصطفي　مرحبا يا مصطفي　مرحبا يا مصطفي

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب!　صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اِسلامي مهينن ۾ رَبِيعُ الاَوّل اهو عظيمُ الشَّان ۽ بابَرَڪت مهينو آهي جو جنهن جي اَهمِيت بابت مسلمانن جو ٻچو ٻچو باخبر آهي،رَبِيعُ الاوَّل شريف جا ايندو آهي جڏهن ته هر پاسي مدني بهار اچي ويندي آهي ۽ فَضا نُور سان روشن ٿي ويندي آهي، پِياري آقا، مديني واري مُصطَفٰي صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي دِيوانن ۾ خُوشي جي لهر ڦهلجي ويندي آهي، پوڙهو هجي يا جوان هر حقيقي مسلمان جڏهن ته دل جي زبان سان چوندو آهي ته

نُور والا آيا ہے ہاں نُور لیکر آیا ہے　سارے عالَم میں یہ دیکھو نُور کیسا چھایا ہے
چار جانِب روشنی ہے سب سَماں ہے نُور نُور　حَق نے پیدا آج اپنے پیارے کو فَرمایا ہے
آؤ آؤ نُور کی خَیرات لینے کو چلیں　نُور والا آمِنہ بی بی کے گھر میں آیا ہے
جُوں ہی آمد ماہِ مِیلادِ مُبارَک کی ہُوئی　اَہلِ اِیماں جُھوم اُٹھے شَیْطاں کو غُصّہ آیا ہے

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب　صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ ڪثير عاشِقانِ رَسُول جشنِ مِيلادِ مُصطَفٰي جي خُوشي ۾ مِيلاد جي مهيني ۾ خاص ڪري شروعاتي 12 ڏينهن ۾ مُختَلِف مقامن تي اِجتِماعِ ذِڪر و نَعت ۽ مدني مذاڪره اجتماعن جو اِهتِمَام ڪندا، انهن ۾ شرڪت ڪندا، گهرن، دُڪانن، ڪارخانن، گاڏين، بازارن، گهٽين ۽ محلن کي مدني پرچَمن ۽ بَرقِي (Electrical ) قُمقُمن سان سَجائيندا، جُهومندي، لَب چُمندي،

هٿن ۾ مدني پَرچم ڪٽي، مَرحبا يا مُصطَفٰي جي صَدائن ۾ جُلوسِ مِيلاد جون ڌومون مچائيندا، اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي رَسُول، رَسُولِ مَقبول صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي مُقَدَّس بارگاھ ۾ دُرُود ۽ سَلام جا نَذرانا پيش ڪندا، رسالا ورهائڻ جي ترڪيب ڪندا، ۽ دِل کولي لنگرِ مِيلاد جو اِهتِمَام ڪندا آهن. اچو! نُور واري آقا، ڪائنات کي جڳمڳ ڪرڻ واري داتا صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي هن نُوراني مهيني جي نُوراني ڏينهن جي رُوحاني بَرڪتن سان فَيضياب ٿيڻ جي نِيت سان عاشِقِ ماھ مِيلاد، اَميرِ اَهلسُنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي تَصنِيف ”فَيضانِ سُنّت“ مان هڪ اِيمان اَفروز واقِعو ٻڌون ٿا، جيئن

## جَشنِ وِلادَت جي لَڏوئن ۾ بَرَڪت

اَميرِ اَهلسُنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمائن ٿا تہ مُراد آباد (هند) ۾ هڪ عاشِقِ رسول هر سال ربيع الاول شريف ۾ ڌوم ڌام سان مني مني آقا مکي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو جشنِ ولادت ملهائيندا هئا ۽ زبردست محفلِ ميلاد منعقد ڪندا هئا، سرڪارِ اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جا خليفا، صاحبِ خزائن العرفان حضرت صدرُالافاضل علامہ مولانا سيّد محمّد نعيم الدين مُراد آبادي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه ان ۾ خصوصي شرڪت فرمائيندا هئا. هڪ ڀيري محفل ميلاد ۾ معمول کان گهڻا وڌيڪ ماڻهو شريڪ ٿيا. ختم ٿيڻ تي معمول جي مطابق پاءُ پاءُ (تقريبًا 250 گرام) لڏون ورهائجڻ لڳا، پر اهي اڌ تي اڌ گهٽ محسوس ٿيڻ لڳا. محفل جي ذميدار گهٻرائجي ڪري حضرت **صدرُالافاضل** رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي خدمت باڪرامت ۾ معاملو عرض ڪيو، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه پنهنجو رومال( handkerchief ) ڪڍي ڏنو ۽ فرمايائون، لڏوئن جي ٿانوَ تي وجهي ڇڏيو ۽ تاڪيد فرمايائون تہ تبرڪ رومال جي هيٺان کان ڪڍي ڪري ورهايو وڃي پر ٿانوَ کي کولي نہ ڏنو وڃي، اهڙيءَ ريت خوب لڏون ورهايا ويا ۽ هر هڪ شخص کي لڏون ملي ويا. آخر ۾ جڏهن ٿانءُ کوليو ويو تہ رومال وجهڻ وقت ٿانوَ

۾ جيترا لڏون هئا اوترا ئي هاٿي به موجود هئا! (فيضانِ سنت،ص۳۵۵)

عِیدِ مِیْلادُ النَّبِی ہے دِل بڑا مَسْرُور ہے ہر طرف ہے شادمانی رَنج و غَم کافُور ہے
جَشنِ مِیْلادُ النَّبِی ہے کیوں نہ جُھومیں آج ہم مُسکراتی ہیں بہاریں سب فَضا پُر نُور ہے
آمِنہ تجھ کو مُبارَک شاہ کا مِیلاد ہو تیرا آنگن نُور،تیرا گھر کا گھر سب نُور ہے

سرڪار جي آمد...مرحبا •• سردار جي آمد ...مرحبا •• •• سالار جي جي آمد ... مرحبا
مختار جي آمد ...مرحبا •• غمخوار جي آمد ...مرحبا •• تاجدار جي آمد ...مرحبا
شاندار جي آمد ...مرحبا

مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

منا منا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل واقِعي مان اسان کي ڪجھ مَدَني گل حاصل ٿيا مَثال طور ❖ خليفهٔ اعليٰ حضرت، صَدرُ الافَاضِل حضرت علاّمه مولانا مفتي سَيد محمد نعيمُ الدّين مُراد آبادي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هڪ باڪرامت بُزرگ هئا، جِن جي ڪرامَت سبَب مِيلاد شريف جي لڏوئن ۾ ايتري قَدَر بَرَڪت ٿي جو تمام حاضِرين ۾ ورهائڻ کان پوءِ به انهن لڏوئن جو تعداد ايترو ئي رهيو جيترو اوهان جي رُومالِ باڪمال جي ڍڪڻ کان اڳ ۾ هو، ❖ مِيلاد جي محفلن يا بزرگن سڳورن جي عرس وغيره جي موقعي تي بِرياني يا قورمي وغيره جي ذريعي لنگر ڪرڻ ضروري نہ آهي، لڏو، بالُو شاهي يا اهڙي طرح جي ڪنهن به قسم جو لنگر ڪرڻ سان به مِيلاد شريف جون بَرَڪتون نصيب ٿينديون، ❖ جَشنِ وِلادتِ سَرڪار جي خوشي ملهائڻ ۽ ان موقعي تي تَبَرُّڪ جو اِهتِمَام ڪرڻ ڪا بُري يا نئي ڳالھ ناهي بلڪ اهو تہ هميشہ کان مسلمانن جو طريقو رهيو آهي جيئن

شارِحِ بُخاري حضرت سَيدُنا اِمام قَسطَلاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: حُضور نَبِي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پيدائش (Birth) جي مهيني ۾ اَهلِ اِسلام

هميشه کان محفلون مُنعَقِد ڪندا، خوشي سان ڪاڌا پچائيندا، ڪاڌن جي دَعوَت ڪندا، (رَبِيعُ الاَوَّل جي) انهن راتين ۾ مختلف قسمن جي خَيرات ڪندا ۽ خوشي ظاهر ڪندا آيا آهن. (مواهب لدنيه،الاحتفال بالمولد،۱/۱۴۸)

ڪيوں بارہويں پہ ہے سبھی کو پيار آگيا آيا اِسی دن اَحمدِ مُختار آگيا
گھر آمِنہ کے سَيِّدِ اَبرار آگيا خوشياں مَناؤ غَمزدو غمخوار آگيا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

سرڪار جي آمد...مرحبا •• سردار جي آمد ...مرحبا •• •• سالار جي جي آمد ... مرحبا
مختار جي آمد ...مرحبا •• غمخوار جي آمد ...مرحبا •• تاجدار جي آمد ...مرحبا
شاندار جي آمد ...مرحبا
مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪتاب”سيرتِ مصطفيٰ“ جو تعارف

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! حُضورِ پُرنُور، شاهِ غَيور، شافِعِ يومُ النُّشُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي سِيرتِ طَيبَہ خاص ڪري وِلادَتِ باسَعادت جا واقِعا ٻڌڻ يا پڙهڻ سان دِلين کي سُڪون ۽ چين نصيب ٿيندو آهي، اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ عاشِقانِ رَسُول جي مَدَني تَحريڪ دَعوَتِ اسلامي سڄي دُنيا ۾ جَشنِ وِلادَت جون ڌومون مچائڻ ۽ سندن سِيرت ۽ ڪردار جي مُختَلِف روشن پهلوئن ۽ شاندار فرمانن سان اُمَّت کي فَيضياب ڪرڻ جي لاءِ هر وَقت ڪوشش ڪري رهي آهي. تہ پوءِ انهيءَ مَقصَد تَحت دَعوَتِ اسلامي جي شُعبي مڪتبةُ المدينہ هڪ ڪتاب ”سِيرتِ مُصطَفٰي“ شايع ڪيو آهي. (هن ڪتاب جو سنڌي ترجمو ٿي چڪو آهي، شايع ٿيڻ باقي آهي،نيٽ تي موجود آهي) اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هن ڪتاب ۾ سَرڪارِ مدينہ، راحتِ قَلب و سِينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جون عادتون نِنڍپڻ جا واقعا، اسلامي غَزوات جي

باري ۾ دِلچسپ معلومات ۽ اِيمان اَفروز واقعا، مَڪ مُڪَرَّمَہ کان مَدِينہ مُنَوَّرَہ ڏانهن هجرَت، مڪي ۽ مَدَني زِندگي جا مبارڪ واقعا ۽ رحمت عالَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مُختَلِف مُعجِزن وغيره کي بَيان ڪيو ويو آهي، تنهنڪري اڄ ئي هن ڪتاب کي مڪتبةُ المدينہ جي بستي تان هدِيةً طَلَب ڪري پاڻ بہ ان جو مُطالَعو ڪيو ۽ ٻين کي بہ پڙهڻ جي ترغيب ڏياريو. دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان هن ڪتاب کي رِيڊ (يعني پڙهي) بہ سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download) ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!        صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيشڪ بي چين دِلين جي چين، رَحمتِ دارَين، تاجدارِ حَرَمَين، سَروَرِ ڪونَين، ناناءِ حَسَنَين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جهان ۾ فَضل ۽ رَحمت بڻجي تشريف فرما ٿيا ۽ الله عَزَّ وَجَلَّ جي رَحمت جي نازل ٿيڻ جو ڏينهن يقيناً خوشي جو ڏينهن هوندو آهي جيئن،

سيپارو 11 سوره يونُس جي آيت نمبر 58 ۾ رب رَحمٰن عَزَّوَجَلَّ جو فرمانِ ذِيشان آهي:

قُلْ بِفَضْلِ اللّٰهِ وَ بِرَحْمَتِهٖ فَبِذٰلِكَ فَلْيَفْرَحُوْا ؕ هُوَ خَيْرٌ مِّمَّا يَجْمَعُوْنَ ﴿۵۸﴾

(سيپاري ١١،يونس٥٨)

**تَرجَمو ڪنز الايمان:** تون فرماءِ اللّٰه جي ئي فَضل ۽ سندس رَحمَت تي جڳائي تہ خوشي ڪن اهو انهن جي سموري ڌن دولت کان بهتر آهي.

”تفسير صِراطُ الجِنان“ ۾ بيان ڪيل آيتِ ڪريمہ تحت لکيل آهي تہ ڪنهن پياري ۽ مَحبوب شيء جي ملڻ سان دِل کي جيڪا لَذّت حاصِل ٿيندي آهي ان کي ”فَرِحْ“ چوندا آهن ۽ آيت جي معنيٰ هي آهي تہ اِيمان وارن کي الله عَزَّ وَجَلَّ جي فَضل ۽ رَحمت تي خوش ٿيڻ گهرجي جو ان انهن کي نصيحتون، سِينن جي شِفاء ۽ اِيمان سان دِل جي راحت ۽ سُڪون عطا فرمايو.

## الله تعاليٰ جي فضل ۽ رحمت مان ڇا مراد آهي؟

۽ هن آيت ۾ الله تعاليٰ جي فضل ۽ ان جي رَحمت مان ڇا مُراد آهي؟ ان باري ۾ مُفسّرن جا مُختَلِف قول آهن، جيئن حضرت (سَيدُنا) عَبدُالله بِن عَبَّاس رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْھما، حضرت (سَيدُنا) حَسَن ۽ حضرت (سَيدُنا) قَتَاده رَضِیَ اللہ تَعَالٰی عَنْھما جن فرمايو ته الله عَزَّ وَجَلَّ جي فَضل مان اِسلام ۽ ان جي رَحمت مان قُرآن مُراد آهي. هڪ قَول هي آهي ته الله عَزَّ وَجَلَّ جي فَضل مان قُرآن ۽ رَحمت مان حديثون مُراد آهن. جڏهن ته ڪجهه عالمن سڳورن فرمايو ته الله عَزَّ وَجَلَّ جو فَضل حُضور پُر نُور صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهن ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي رَحمت قُرآنِ ڪريم. ربّ عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو:

وَكَانَ فَضْلُ اللّٰهِ عَلَيْكَ عَظِيْمًا ﴿۱۱۳﴾
(پ۵، النسآء:۱۱۳)

ترجموڪنزالايمان: ۽ الله جو توتي وڏو فضل آهي .

ڪن فرمايو: الله عَزَّ وَجَلَّ جو فَضل قُرآن آهي ۽ رَحمت حُضورِ اَقدَس صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آهن. جيئن ته الله عَزَّوَجَلَّ فرمائي ٿو:

وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا رَحْمَةً لِّلْعٰلَمِيْنَ ﴿۱۰۷﴾
(پ۱۷، الانبيآء:۱۰۷)

ترجموڪنزالايمان: ۽ اسان تو کي نه موڪليو پر رحمت سموري جهان جي واسطي.

۽ جيڪڏهن بِالفَرض هن آيت ۾ مُتَعَيّن (خاص) طور تي فَضل ۽ رَحمت مان مُراد رحمت عالَم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مُبارَڪ ذات نه به هجي ته عليحده طور تي به الله جا رَسُول صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم يقيناً الله تعاليٰ جو عظيم ترين فَضل ۽ رَحمت آهن. تنهنڪري نَبِي ڪريم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ذاتِ مُبارَڪ جي حوالي سان خُوشي مَلهائي ويندي، چاهي اهو مِيلاد شريف ڪري ٿئي يا مِعرَاج شريف مَلهائڻ جي ذَريعي، ها! جيڪڏهن ڪنهن بَدنصيب جي لاءِ اهو خوشي جو مَقام ئي نه آهي ته ان جو مُعَامَلو جُدا آهي، ان کي پنهنجي اِيمان جي باري

۾ سوچڻ گهرجي. (صراط الجنان،۴/۳۴۰ ملتقطاً)

جب تلک یہ چاند تارے جِھلملاتے جائیں گے
تَب تلک جشنِ وِلادَت ہم مَناتے جائیں گے
اُن کے عاشِق نُور کی شمعیں جَلاتے جائیں گے
جبکہ حاسِد دِل جلاتے سٹپٹاتے جائیں گے
لاکھ شَیطاں ہم کو روکے فَضلِ ربّ سے تا اَبَد
جَشن، آقا کی وِلادَت کا مَناتے جائیں گے

ستي جي آمد مرحبا سچي جي آمد ...مرحبا •• سهڻي جي آمد مرحبا •• دلبر جي آمد ..مرحبا
مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## وه جو نه تهے تو کچھ نه تها!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! يقيناً اسان کي جيڪي بہ نعمتون مُيسَّر آهن اهي سڀ رَسُولِ بي مثال،بي بي آمِنہ جي لال، مَحبوبِ ربّ ذُوالجَلال صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مبارڪ وُجودِ جو ئي صَدَقو آهي، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جانِ ڪائنات بلڪ ڪائنات جو وُجُود ئي سندن قَدَمن جو صدقو آهي، جيڪڏهن سَرڪارِ مَڪہ مُڪرَّمَہ، سَردارِ مَدِينَہ مُنَوَّرَہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تشريف نہ آڻن ها تہ هن دُنيا ۾ نہ جِنّ هجن ها، نہ اِنسان، نہ سج هجي ها نہ چند، نہ زَمين هجي ها نہ آسمان، نہ جَنَّت ۽ دوزخ هجي ها، نہ ئي حُورون ۽ غِلمان، نہ لَوح ۽قَلم هجي ها نہ عَرش ۽ ڪرسِي. اَلغَرَض حُضُورِ پاڪ، صاحِبِ لَولاڪ، سَياحِ اَفلاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ذاتِ پاڪ ئي مَقصَدِ تخليقِ ڪائنات آهي جيئن تہ

منهنجا آقاسيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه انهيءَ طرف اِشارو ڪندي پنهنجي مجموعہ ڪلام"**حدائقِ بخشش**" ۾ ڪجھ هيئن ارشاد فرمائن ٿا:

زمین و زماں تمہارے لئے مکِین و مکاں تمہارے لئے
چُنین و چُناں تمہارے لئے بنے دو جہاں تمہارے لئے

ذہن میں زباں تمہارے لئے بدن میں ہے جاں تمہارے لئے
ہم آئے یہاں تمہارے لئے اُٹھیں بھی وہاں تمہارے لئے
(حدائق بخشش،ص348)

مختصروضاحت:منهنجا آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ !ڪائنات ۾ ان ۾ رهڻ وارين سيني شين کي اوهان جي ئي ڪري پيدا ڪيو ويو،اسان جون زبانون اسان جون زندگيون اسان جو هن دنيان ۾ اچڻ سڀ اوهان جي ئي ڪرم جو صدقو آهي ۽ محشر جي ڏينهن به (اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ) اوهان جوئي شان ڏسڻ لاءِ اٿنداسي

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

حضرت سَيِدُنا عَبْدُالله بِن عَبَّاس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُما کان رِوايت آهي ته الله عَزَّ وَجَلَّ حضرت سَيدُنا عِيسيٰ رُوحُ الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي وَحي موڪلي: اي عِيسيٰ! محمد (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) تي اِيمان آڻ! ۽ تنهنجي اُمَّت مان جيڪي ماڻهو ان جو زَمانو ماڻن، انهن کي به حڪم ڪجان ته ان تي ايمان آڻن چوته جيڪڏهن محمدِ عَرَبي(صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ) جي ذاتِ گِرامي نه هجي ها ته نه مان آدم کي پيدا ڪيان ها، نه ئي جَنَّت ۽ دوزخ بڻايان ها. جڏهن مون عَرش کي پاڻيءَ تي بڻايو ته ان وَقت هو حَرَڪت ڪري رهيو هو، مون ان تي ”لَآاِلٰهَ اِلَّا اللهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ الله“ لکي ڇڏيو، ته اهو بيهي رهيو. (خصائص ڪبري،باب خصوصيته بڪتابة...الخ ، ۱/ ۱۴)

وہ جو نہ تھے تو کچھ نہ تھا وہ جو نہ ہوں تو کچھ نہ ہو
جان ہیں وہ جہان کی جان ہے تو جہان ہے

مختصروضاحت: يعني حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي پاڪ نور جي پيدائش کان پهريان الله عَزَّوَجَلَّ کان سواءِ ڪجهه نه هو جيڪڏهن پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جووجود نه هجي ها ته الله عَزَّوَجَلَّ کان سواءِ ڪا به شيء موجود نه هجي ها چوته اوهان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تمام جهانن جو روح ۽ جان آهن جيڪڏهن

www.dawateislami.net

روح نڪري وڃي تہ بدن ختم ٿي ويندو آهي تہ جيسيتائين حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ موجود آهن يعني جان آهي تہ جهان بہ باقي آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ سڄي دُنيا ۾ عِيدِ مِيلَادُ النَّبِي جي موقعي تي مسلمانن جي اندر جيڪو جوش ۽ جذبو موجود آهي يقيناً اهو قابِلِ رَشڪ ۽ ساراهہ جي لائق آهي ڇوتہ دشمن جي بري سازِشن جي باوُجُود بہ اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هر سال جَشنِ وِلادَت جي ڌُوم ڌام ۾ مُسَلسَل اِضافو ئي ٿيندو پيو وڃي. بيشڪ اهو سڀ عُلَماءِ حَقّ ۽ اَولِياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهِمْ اَجْمَعِين جي ڏينهن رات جي ڪوشش جو نتيجو آهي جو اڄ مسلمانن جو ٻچو ٻچو تاجدارِ حَرَم، نَبِي مُحتَرم، شَفيعِ اُمَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي شان ۽ عظمت جا تَرانا ڳائي پيو ۽ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مَحَبَّت ۾ سَرشار ٿي رسول اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي جَشنِ وِلادَت جون خوشيون ملهائي ٿو. غور ڪريو تہ جن جي تعليمات تي عمل جون اهي بَرڪتون آهن تہ خُود اُن حضرات جو عِيد مِيلَادُالنَّبِي جون ڌومون مچائڻ جو پنهنجو اَنداز ڪيتري قَدَر نِرالو هوندو. اچو! ترغيب طور عاشِقِ ماه مِيلاد، اَميرِ اَهلسُنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي عشق ۽ مستي سان ڀرپور جَشنِ وِلادَتِ مُصطَفٰي مَلهائڻ جي دُلرُبا اَنداز جون ڪجھ جهلڪيون مُلَاحَظَ ڪيون تا جيئن،

## اَميرِ اَهلسُنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو ٻارهين ملهائڻ جو اَنداز

عاشِقِ ماه مِيلاد، اَميرِ اَهلسُنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو سالن کان اهو مَعمول رهيو آهي تہ پاڻ نهايت عظيمُ الشّان طريقي سان شَرِيعَت جي دائري ۾ رهي جَشنِ وِلادَت جون خوشيون ملهائيندا آهن، جيئن ئي ماه مِيلاد جو مُبارَڪ چنڊ نظر ايندو آهي پاڻ جشنِ وِلادت سَرڪار جي خوشي ۾ پنهنجي رهائش گاھ کي

مدني پرچمن، جَهنڊين ۽ رنگ برنگي بَرقِي قُمقُمن سان سجائيندا (يعنيLighting كندا آهن)، دُرُود ۽ سَلام جي كثرت كندا ۽ عاشِقانِ رَسُول كي بہ وِلادَتِ مَحبوب جون ڌُومون مچائڻ جي ترغيب ڏياريندا آهن جڏهن تہ رَبِيعُ الاوّل شريف جي چنڊ رات كان لڳاتار 12 راتيون مَدَني مُذاكرا كندا آهن. اوهان جي صُحبتِ بابركت مان فائدو وٺندي كثير اسلامي ڀائر عقائد ۽ اَعمال، فضائِل ۽ مَنَاقِب، شريعت ۽ طريقت، تاريخ ۽ سيرت، سائنس ۽ طِبّ، اَخلاقيات ۽ اِسلامي معلومات، معاشي، سماجي، تنظيمي معاملن ۽ ٻين كافي موضوعن جي باري ۾ مختلف قسم جا سوال كندا آهن ۽ شيخِ طريقت، اَمِيرِ اَهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه انهن كي پنهنجي علم جي روشني ۾ حكمت ڀريا ۽ عشقِ رسول سان ڀريل جوابن سان نوازيندا آهن ۽ عادت مطابق وَقتاً فَوَقتاً "صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!" جي دِل نشين صَدا لڳائي حاضِرين كي دُرُودشريف پڙهڻ جي سَعادت بہ عِنايت فرمائيندا آهن. پوءِ جڏهن ٻارهين رات ايندي آهي تہ سندن جون خوشيون اجان بہ وڌيڪ ٿي وينديون آهن، جيئن تہ ٻارهين رات پاڻ خُصوصِيت سان غُسل كندا، پنهنجي اِستعمال جي كم و بيش هر شيءِ مثال طور مَدَني لِباس، سَبز سَبز عِمامو، ٽوپي، كنگهي، عِطر، مِسواك، قفلِ مدينہ پيڊ، پين (Pen)، چادر، رُومال، سَربند، چپّل وغيره عُموماً نئي اِستعمال كندا آهن. ٻارهين جي رات مَدَني مُذاكرو فرمائيندا ۽ اِجتِماع ذِكر و نعت ۾ شركت كندا آهن، پوءِ اِجتِماع جي اِختِتام تي كثير عاشِقانِ رَسُول سان گڏجي دُرُود و سَلام جو وِرد كندا ۽ عشق ۽ مستي ۾ ڇاچي كري، جهومندي محبت ڀري اَنداز ۾ اَشك بار اکين سان صُبح بهاران جو اِستِقبال كندا آهن، اوهان جي هن دِل نشين اَنداز كي ڏسي كوڙ اكيون اَشك بار ٿي وينديون آهن ۽ دِلين ۾ عشقِ حبيب جي شَمع روشن ٿي ويندي آهي جڏهن تہ ٻارهين واري ڏينهن عِيدِ

مِيلاَدُالنَّبِي جي خوشي ۾ پاڻ عاشِقانِ رَسُول اسلامي ڀائرن ۾ عِيدي بہ ورهائيندا آهن. مِيلادِ مُصطَفٰي جي خوشي ۾ عشق ۽ مَحَبَّت ۾ اوهان جي ديوانگي جو اندازو سندن تَحرير ڪيل نعتيہ دِيوان ”وَسائلِ بخشش“ مان آساني سان لڳائي سگهجي ٿو جيئن تہ پنهنجي هن نعتيہ دِيوان ۾ مَوجود هڪ ڪلام جي مَقطَع ۾ پنهنجي جذبات جو اِظهار ڪجھ هيئن ڪن ٿا تہ

بُھولے نہیں سَماتے ہیں عطّارؔ آج تو
دُنیا میں آج حامیِ عطّارؔ آگئے

سرڪار جي آمد...مرحبا •• سردار جي آمد ...مرحبا •• آمنه جي پياري جي آمد ...مرحبا
رسولِ مقبول جي آمد ...مرحبا •• پياري جي آمد ...مرحبا
مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي

## 12 مَدَني ڪمن مان هڪ مَدَني ڪم ”مَدَني اِنعَامات“

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَميرِ اَهلسُنّت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جو عشق ۽ مستي ۾ ٻڏي پنهنجي آقا ۽ مَوليٰ،حَبيبِ ڪبرِيا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي آمد جو جَشن ملهائڻ هن ڳالھ جو واضِح ثُبوت آهي تہ بيشڪ پاڻ هڪ سچّا عاشقِ رَسُول آهن. جيڪڏهن اسان بہ چاهيون ٿا تہ اسان کي بہ عشقِ حبيب جي لازَوال دَولت ۽ جَشنِ وِلادَت ملهائڻ جو سَلِيقو اچي وڃي تہ ان جو بهترين ذَريعو هي آهي تہ اسان دَعوَتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابستہ رهون ۽ خوش دِلِي سان 12 مَدَني ڪمن ۾ وڌ کان وڌ حِصو وٺون. ذيلي حلقي جي 12 مَدَني ڪمن مان هڪ مَدَني ڪم ”مَدَني اِنعَامات“ جي مُطابِق روزانو فِڪرِ مدينہ ڪندي هر مَدَني مهيني جي پهرين تاريخ تي پنهنجي علاقي جي ذِمَّہ دار کي مدني انعامات جو رِسالو جمع ڪرائڻ بہ آهي.

❁ اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مَدَني اِنعامات عمل جو جذبو وڌائڻ ۽ گناهن کان پيڇو ڇڏائڻ جو بهترين نُسْخو آهن، ❁ مَدَني اِنعامات تي عمل ڪرڻ وارن سان

اَميرِ اَهلسُنّت،باني دعوتِ اسلامي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه گهڻو خوش ٿيندا ۽ اُنهن کي دُعائن سان نوازيندا آهن، ❁ مَدَني اِنعامات تي عمل جي بَرَڪت سان خَوْفِ خُدا ۽ عشقِ مُصطفٰي جي لازوال دَولت ملندي آهي،❁مَدَني اِنعامات جو هي عظيم تحفو (Gift) اَسلافِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهِمْ اَجْمَعِين جي ياد ڏياري ٿو، ❁ مَدَني اِنعامات بُزرْگانِ دِين رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهِمْ اَجْمَعِين جي نَقْشِ قَدَم تي هلندي فِڪرِ مدينہ يعني پنهنجي عملن جو مُحَاسَبو ڪرڻ جو بهترين ذَريعو آهي.

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان جي بُزرگ سڳورن رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهِمْ اَجْمَعِين جوپنهنجن عملن جو مُحَاسَبو ڪرڻ جو انداز بہ ڪيترو پيارو هو. اچو! ان جي هڪ اِيمان اَفروز جَهلڪ مُلاحَظَ ڪيون ٿا، جيئن تہ

## سڄو ڏينهن فِڪرِ مدينہ

منقول آهي تہ حضرت سَيدُنا ابو ذَر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْه سڄو ڏينهن گهر جي هڪ ڪنڊ ۾ (آخِرت جي باري ۾) غور ۽ فِڪر ڪندا رهندا هئا. (احياء علوم الدين، ڪتاب التفكر ١٦٢/٥، اچو! ترغيب طور فِڪرِ مدينہ ڪرڻ جي هڪ مَدَني بهار ٻڌو ۽ خوش ٿيو،

## روزانہ فڪرِ مدينہ ڪرڻ جو اِنعام

هڪ اسلامي ڀاءُ جي تَحرير جو خُلاصو آهي تہ انهن کي مَدَني اِنعامات سان پيار آهي ۽ روزانو فڪرِ مدينہ ڪرڻ جو مَعمول بہ آهي. هڪ ڀيري هو عاشِقانِ رَسُول جي مَدَني قافِلي ۾ عاشِقانِ رَسُول سان گڏ صوبو بلوچستان ( پاڪستان) جي سفر تي هو. ان دَوران اُن تي ڪرم ٿيو. ائين ٿيو جو رات جو جڏهن هو ستو تہ قسمت ڪلي پئي ۽ چا تو ڏسي تہ جنابِ رِسالت مَآب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ خواب ۾ تشريف فرما ٿيا آهن. مُبارَڪ چپن کي جُنبِش ٿي، رَحمت جا گل وسڻ لڳا ۽ لفظ ڪجھ ائين تَرتِيب ۾ آيا: ”جيڪو مَدَني قافِلي ۾ روزانو

فکرِ مدينہ کندا آهن مان انهن کي پاڻ سان گڏ جَنَّت ۾ وٺي ويندس.“

مِرے تم خواب میں آؤ مِرے گھر روشنی ہوگی　　مِری قسمت جگا جاؤ، عِنایت یہ بڑی ہوگی

مجھے گر دِید ہوجائے، تو میری عید ہوجائے　　ترا دیدار جب ہوگا، مجھے حاصِل خوشی ہوگی

میں بَن جاؤں سَراپا ”مَدنی اِنعامات“ کی تَصویر　　بَنُوں گا نیک یااللہ اگر رَحمت تری ہوگی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب!　　صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## عِيدن جي عِيد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سَرڪارِ اَبدِقرار، اسان بيڪسن جي مددگار، شَفيعِ روزِ شُمار صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وِلادَتِ باسعادت جو ڏينهن عاشِقانِ مُصطَفٰي جي لاءِ عِيد کان گهٽ ناهي، بلڪ هي تہ عِيدن جي بہ عِيد آهي ڇوتہ هن ڏينهن جانِ جهان، رَحمتِ عالَميان، سَياحِ لامکان، مَحبوبِ رَحمٰن صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن دُنيا ۾ رَحمت بڻجي جَلوه گر ٿيا. شارِحِ بُخاري حضرت سَيدُنا اِمام قَسطَلاني رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: اللّٰه عَزَّ وَجَلَّ ان شخص تي رَحمت نازِل فرمائي جنهن ماهِ وِلادَت جي راتين کي عِيد بڻائي ورتو. (مواهب لدنيه،الاحتفال بالمولد،۱/۱۴۸)

عِیدِ مِیْلَادُ النَّبی تو عِید کی بھی عِید ہے　　بِالیقیں ہے عِیدِ عِیداں عِیدِ مِیْلَادُ النَّبی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب!　　صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

جيڪڏهن تاجدارِ اَنبيا، مَحبوبِ ڪبريا صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن هن ناپائيدار دنيا ۾ جَلوا فرما نہ ٿين ها تہ يقيناً ڪا عِيد، نہ عِيد هجي ها ۽ نہ ئي ڪا رات، شَبِ قَدر يا شَبِ بَرَاءَت هجي ها. اهي عِيدون ۽ مُبارَڪ راتيون اسان کي رسول اڪرم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ئي صَدَقي ۾ مِليون آهن. تنهنڪري اسان کي ڪپي تہ اسان عاشقن جي هن عِيد تي هڪ عظيمُ الشّان نعمت ملڻ جي خوشي ۾ جَشنِ وِلادَت جون ايتري قَدَر ڌومون مچايون جو شَيطانِ لَعين پڄي وڃي.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ نعمت ملڻ تي خوشي جو اِظهار ڪرڻ ۽ ان ڏينهن عِيد ملهائڻ تہ اهڙو مُبارَڪ (Blessed) عمل آهي جو جنهن جو ثُبوت اسان کي قرآنِ ڪريم مان بہ ملي ٿو جيئن تہ

سيپارو 7 سُورَة المَائِده جي آيت نمبر114 ۾ اِرشاد آهي:

قَالَ عِيۡسَى ابۡنُ مَرۡيَمَ اللّٰهُمَّ رَبَّنَاۤ اَنۡزِلۡ عَلَيۡنَا مَآئِدَةً مِّنَ السَّمَآءِ تَكُوۡنُ لَنَا عِيۡدًا لِّاَوَّلِنَا وَ اٰخِرِنَا وَ اٰيَةً مِّنۡكَ ۚ

(پ۷،المائدة:۱۱۴)

**ترجموڪنزالايمان:** عِيسىٰ پُٽ مريم جي عرض ڪيو اي الله اي اسان جا رب اسان تي آسمان مان خُونچو نازل فرماءِ جِيئن اُهو اسان جي واسطي عِيد ٿئِي، اسان جي اڳين پوين جِي عِيد ۽ تُنهنجي طرف کان نِشانِي.

بيان ڪيل آيت سڳوري تَحت تفسير صِراطُ الجِنان ۾ آهي: هن آيت مان مَعلوم ٿيو تہ جنهن ڏينهن الله تعاليٰ جي خاص رَحمت نازِل ٿئي ان ڏينهن کي عِيد بڻائڻ، خوشيون ملهائڻ، عبادتون ڪرڻ ۽ الله جو شڪر ادا ڪرڻ صَالِحِين (نيڪ ماڻهن) جو طريقو آهي ۽ بيشڪ تاجدارِ رِسالت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي تشريف آوَرِي يقيناً الله تعاليٰ جي عظيم ترين نعمت ۽ بُزرگ ترين رَحمت آهي. ان ڪري حُضور پُر نُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي وِلادَتِ مُبارَڪ جي ڏينهن عِيد ملهائڻ ۽ مِيلاد شريف پڙهي شڪرِ اِلٰهي ادا ڪرڻ ۽ فَرحَت ۽ سُرور (خوشي) جو اِظهار ڪرڻ مَحمود (ساراهہ جي لائق) ۽ الله عَزَّ وَجَلَّ جي مَقبول ٻانهن جو طريقو آهي، جيئن تہ

حضرت (سَيدُنا) عَبدُالله بِن عَبّاس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُما فرمائن ٿا: جڏهن رحمت عالَم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مديني پاڪ تشريف فرما ٿيا تہ ڏٺائون تہ غير مُسلِم عاشوري جي ڏينهن روزو رکن ٿا، اِرشاد فرمايائون: هي ڇا آهي؟ انهن عَرض

ڪيو: هي بهتر ڏينهن آهي. ان ڏينهن الله تعاليٰ بَنِي اِسرائيل کي انهن جي دُشمن کان نَجات ڏني هئي تہ حضرت (سَيدُنا) مُوسيٰعَلَيه الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام ان ڏينهن جو روزو رکيو هو. پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن اِرشاد فرمايو: توهان جي نِسبَت منهنجو حضرت مُوسيٰعَلَيه الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کان تَعَلُّق وڌيڪ آهي پوءِ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن عاشوري جو روزو رکيو ۽ ان ڏينهن روزو رکڻ جو حڪم فرمايو. (بخاري، ڪتاب الصوم،باب صيام يوم عاشوراء، ۶۵۶/۱، حديث:۲۰۰۴)(صراط الجنان،۵۴/۳بتغير قليل)

اهڙي طرح مُختَلِف رِوايتن ۾ جمعةُ المُبارَڪ ۽ يومِ عَرَفہ کي بہ عِيد چيو ويو آهي جيئن تہ

## ٻہ عِيدون

تِرمِذِي شريف ۾ آهي تہ حضرت سَيدُنا عَبدُالله بِن عَبَّاس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهما هي آيتِ سڳوري تِلاوَت فرمائي:

اَلْيَوْمَ اَكْمَلْتُ لَكُمْ دِيْنَكُمْ وَ اَتْمَمْتُ عَلَيْكُمْ نِعْمَتِيْ وَ رَضِيْتُ لَكُمُ الْاِسْلَامَ دِيْنًا ؕ (پ۶،المآئدة:۳)

**ترجموڪنزالايمان:** اڄ مان توهان جي واسطي توهان جو دِين ڪامل ڪري ڇڏيو ۽ توهان تي پنهنجي نعمت پُوري ڪئِي ۽ توهان جي واسطي اِسلام کي دِين پسند ڪيو.

هي آيت سڳوري ٻڌي پاڻ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ وٽ مَوجود هڪ غير مُسلِم چوڻ لڳو: جيڪڏهن اها آيت اسان تي نازِل ٿئي ها تہ اسان ان جي نازِل ٿيڻ جي ڏينهن عِيد ملهايون ها. حضرت سَيدُنا عَبدُ الله اِبنِ عبَّاس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهما جن اِرشاد فرمايو: جنهن ڏينهن اها آيت مُبارَڪ نازِل ٿي ان ڏينهن ٻہ عِيدون هيون: (1) جُمعَہ ۽ (2)عَرَفہ. (ترمذي، ڪتاب التفسير، باب ومن سورة (المائدة)، ۵/ ۳۳، حديث: ۳۰۵۵) هن مان مَعلوم ٿيو تہ ڪنهن دِيني ڪاميابي جي ڏينهن خوشي جو ڏينهن ملهائڻ جائز ۽ صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهم کان ثابِت آهي، نہ تہ (حضرت سَيدُنا) عَبدُ الله بِن عَبَّاس رَضِیَ الله

تَعَالٰی عَنْهما واضح فرمائن ٿا تہ جنھن ڏينھن کو خوشي جو واقِعو (Event) ٿئي ان جي يادگار قائم ڪرڻ ۽ ان ڏينھن کي عِيد ملهائڻ اسان بِدعَت سمجھون ٿا، ھن مان ثابِت ٿيو تہ عِيدِ مِيلاد ملهائڻ جائز آهي چوتہ اھا اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي سڀ کان عظيم نعمت جي يادگار ۾ شکر گذاري آهي. (صراط الجنان،۲/۳۸۲ملخصاً)

منانا جَشنِ مِیْلَادُالنَّبِی ہرگز نہ چھوڑیں گے جُلوسِ پاک میں جانا کبھی ہرگز نہ چھوڑیں گے
خُدا کے دوستوں سے دوستی ہرگز نہ چھوڑیں گے نَبِی کے دُشمنوں کی دُشمنی ہرگز نہ چھوڑیں گے

رھنما جي آمد مَرحبا✲ رھبر جي آمد مَرحبا✲ افسر جي آمد مَرحبا ✲سَروَر جي آمد مَرحبا ✲
مَحبوبِ ربّ جي آمد مَرحبا✲سُلطانِ عَرَب جي آمد مَرحبا✲ رَسُولِ اَکرم جي آمد مَرحبا
مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي مرحبا يا مصطفي

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مجلسِ مَدرَسةُ المدينہ آن لائن

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ عاشِقانِ رَسُول جي مَدَني تَحريک دَعوتِ اِسلامي وِلادَتِ مُصطَفٰي جون ڌومون مچائڻ ۾ مسلمانن کي عشق رسول جا جام پيارڻ سان گڏوگڏ کم و بيش 104 شعبن ۾ نيڪي جي دَعوَت عام ڪرڻ ۾ مَصروف آهي، جن مان ھڪ شُعبو مَدرَسةُ المدينہ آن لائن بہ آهي. ھن شُعبي تحت اِنٽرنيٽ جي ذَرِيعي مُختَلِف ملڪن جي مُسلمانن کي نہ صِرف دُرُست مَخارِج سان قُرآنِ پاڪ جي مُفت(Free ) تعليم ڏني ويندي آهي بلڪ بُنيادي اِسلامي تعليمات مَثال طور وُضو، غُسل، تَيمُّم، اَذان، نَماز، زَڪوٰة، روزو ۽ حج وغيره جا مسئلا بہ سيکاريا ويندا آهن.ھن شعبي جي تفصيلي مَعلومات ۽ داخِلہ فارم Admission Form جي لاءِ دعوتِ اِسلامي جي ويب سائٽ (www.dawateislami.net) جو وزٽ ڪيو.

اللہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں
اے دعوتِ اِسلامی تِری دُھوم مَچی ہو!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## عَورَتن جو جُلوسِ ميلاد ۾ اچڻ ڪيئن؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عيدِ مِيلَادُ النَّبِي جون خوشيون ملهائڻ يقيناً هڪ نهايت وڏو ثواب جو ڪم ۽ الله جي رضا جو سبب آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ لڪين عاشقانِ رسول 12 رَبِيعُ الاَوّل جي ڏينهن جلوسِ مِيلاد ۾ شرڪت ڪندا آهن . پر ياد رهي تہ عورتن جو اهڙي جلوسن ۾ وڃڻ جي بلڪل بہ اِجازت ناهي. اَمِيرِ اَهلسُنّت، باني دعوتِ اسلامي دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه ڪئي ڀيرا مَدَني مُذاڪرن ۾ ان کان منع ڪيوآهي. پر اَفسوس! ان جي باوُجُود بہ ڪجهہ نادان پاڻ سان گڏ پنهنجي گهر جي عَورَتن کي بہ جُلوسِ مِيلاد ۾ وٺي ايندا آهن جيڪو يقيناً هڪ نهايت وڏو سانحو آهي. ياد رکو! عَورَتن جو جُلوسِ مِيلاد ۾ شِرڪت ڪرڻ مُسَلسَل خَطري جي گهنٽي وڄائي ٿو، مردن ۽ عورتن جو گهڻو اختلاط (عورتن ۽ مردن جو گڏ هلڻ) ٿئي ٿو جيڪو بَد نگاهي جو دروازو کولي ٿو ۽ عاشِقانِ رَسُول کي آزمائش ۾ مُبتَلا ڪري ٿو، مسلمانن جي بَدنامي جو سبب بڻجي ٿو، شَيطان ۽ سازِشي عَناصِر کي برائي ڦهلائڻ جو موقعو ڏئي ٿو، مطلب تہ عَورَت جو جُلوسِ مِيلاد ۾ اچڻ ڪئي فتنن کي جڳائڻ جي مُتَرَادِف آهي. حديثِ پاڪ ۾ آهي: فتنو سُتل هوندو آهي ان تي الله عَزَّوَجَلَّ جي لعنت جيڪو ان کي جاڳائي. (جامع صغير،ص۳۷۰،حديث:۵۹۷۵) ڪنهن دِيني فائدي جي بغير ماڻهن کي بي چيني، اِختِلاف، مُصِيبت ۽ آزمائش ۾ مُبْتَلا ڪري نِظامِ زِندگي کي بِگاڙي ڇڏڻ ”فِتنو“ چورائيندو آهي. (حديقة ندية، الخلق الثامن والاربعون، ۲/ ۱۴۶)

شَرْعِي اُصولن جي پابندي ڪرڻ، چادر ۽ چار دِيواري جي تَقَدُّس کي بَرقَرار رکڻ، حُڪمِ خداوندي جي بجا آوَري ڪرڻ ۽ شَرعِي حاجت کان علاوه گهر ۾ رهڻ کي ئي تَرجيح ڏيڻ جي مُعَامَلي ۾ اُمَّهاتُ المُومنين، صَحابِيات رَضِي

اللّٰه تَعَالٰی عَنْهُنَّ اَجْمَعِين ۽ وَلِيات رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْهِنَّ اَجْمَعِين جو ڪردار اسان جي اِسلامي ڀينرن جي لاءِ يقيناً هڪ بهترين عَمَلِي نَمُونو (practical paradigm) آهي، تنهنڪري اِسلامي ڀينرن کي کپي ته اهي انهن اللّٰه وارين جي ڪردار کي پنهنجي لاءِ مَشعَلِ راهه بڻائي پنهنجي لاءِ جَنَّت جي راهه کي آسان ڪرڻ جي ڪوشش ڪن. اچو! ان باري ۾ هڪ فِڪر اَنگيز حِڪايت ٻڌون ٿا، جيئن

## ماں فرض حج ڪري چڪي آهيان!

اُمُّ المُؤمِنِين حضرت سَيِدَتُنا سَودَه رَضِیَ اللّٰه تَعَالٰی عَنْهَا کي نَفل حَج ۽عُمره جي لاءِ عَرض ڪيو ويو ته فرمايائون: **آئون فرض حج ڪري چڪي آهيان**. منهنجي رب عَزَّوَجَلَّ مون کي گهر ۾ رهڻ جو حڪم فرمايو آهي، **خدا**عَزَّوَجَلَّ جو قسم! هاڻي منهنجي بدران منهنجو جنازو ئي گهر مان نڪرندو. راوي فرمائن ٿا، **خدا جو قسم**! ان ڪانپوءِ زندگيءَ جي آخري ساهه تائين پاڻ رَضِیَ اللّٰه تَعَالٰی عَنْهَا گهر کان ٻاهر نه نڪتيون. (تفسيرِ درّمنثور،۶ / ۵۹۹)

دیدے پَردَہ بہو بیٹیوں کو ماؤں بہنوں سبھی عَورَتوں کو
ہم سبھی کو حقیقی حَیا کی میرے مؤلٰی تُو خَیرات دیدے

(وسائل بخشش مرمم،ص۱۲۸)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اسان ٻڌو ته

- وِلادتِ مُصطفٰي جو جَشن تمام مَخلُوق ملهايو.
- وَلادتِ مُصطفٰي جو جَشن ملهائڻ هميشه کان مسلمانن ۾ رائج رهيو آهي.
- وِلادتِ مُصطفٰي سان ڪائنات جي هر شيء نُوراني ٿي وئي.
- وِلادتِ مُصطفٰي جو جَشن،اَلحَمدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هاڻ به سڄي دُنيا ۾ ڌُوم ڌام سان ملهايو ويندو آهي.
- وِلادتِ مُصطفٰي جو ڏينهن مُسلمانن جي لاءِ عِيد جو ڏينهن آهي.

- وِلادتِ مُصطَفٰي جو جَشن ملهائڻ الله عَزَّوَجَلَّ جي مَقبول ٻانهن جو طريقو آهي.
- وِلادتِ مُصطَفٰي جو جَشن ملهائڻ الله عَزَّوَجَلَّ جي عظيم نعمت جي شڪر گذاري آهي.

الله تعاليٰ وِلادتِ مُصطَفٰي جي صَدَقي اسان کي مَرڻ گهڙي تائين شَرِيعَت جي مُطابِق ڌوم ڌام سان جَشنِ وِلادت جو ڌومون مَچائڻ جي تَوفِيق نَصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ النَّبِی الْاَمِین صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مِٺا مِٺا اسلامي ڀائرو !بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهه سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئيۦ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.

(مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،۱/۹۷،حديث:۱۷۵)

سُنّتیں عام کریں دِین کا ہم کام کریں نیک ہوجائیں مسلمان مدینے والے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مسواڪ جون سنتون ۽ آداب

مِٺا مِٺا اسلامي ڀائرو! اچو ! شيخِ طريقت، اميرِ اهلسُنَّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي رِسالي "163 مَدَني گل" مان مِسواڪ بابت مدني گل ٻڌون ٿا. پهرين ٻه فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ملاحظ فرمايو: ۞ ٻه رڪعتون مسواڪ (يعني

ڏندڻ) ڪري پڙهڻ بغير مِسواڪ جي 70 رڪعتن کان افضل آهن . (الترغيب والترهيب ج 1 ص 102 حديث 18) ۞ مِسواڪ جو استعمال پاڻ تي لازم ڪري ڇڏيو ڇو تہ هي وات جي صفائي ۽ ربّ تعاليٰ جي رضا جو سبب آهي. (مسند امام احمد بن حنبل ج 2 ص 438 حديث 5869) دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب "بهار شريعت" جلد پهريون صفحي 288 صدرُالشّريعہ، بدرُالطريقہ، حضرت علامہ مولانا مفتي امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه لکن ٿا، مشائخ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْهِمْ اَجْمَعِيْن فرمائن ٿا: جيڪو شخص مسواڪ جو عادي هجي تہ مرڻ وقت ان کي ڪلمو نصيب ٿيندو، ۽ جيڪو آفيم کائي تہ مرڻ وقت ان کي ڪلمو نصيب نہ ٿيندو ۞ حضرت سيدنا ابن عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ مسواڪ ۾ ڏهہ خوبيون آهن:(ڪجھ هي آهن) وات کي صاف ڪري ٿو، مسوڙن کي مضبوط ڪري ٿو، نظر تيز ڪري ٿو، بلغم ختم ڪري ٿو، وات جي ڌپ ختم ڪري ٿو، سنت جي موافق آهي، فرشتا خوش ٿيندا آهن، ربّ راضي ٿئي ٿو، ۞ سيّدنا امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: چار شيون عقل وڌائيندڙيون آهن: فضول ڳالهين کان پرهيز، مسواڪ جو استعمال، نيڪ ماڻهن جي صحبت، پنهنجي علم تي عمل ڪرڻ (احياءُالعلوم ج 2 ص 27) ۞ مسواڪ پيلو(ڪبڙ) يا زيتون يا نم وغيره جي ڪَوڙي ڪاٺي جي هجي ۞ مسواڪ جي ٿولهہ چيچ جي برابر هجي ۞ ڏندڻ جڏهن استعمال جي قابل نہ رهي تہ اڇلائي نہ ڇڏيو، جو هي سنّت ادا ڪرڻ جو ذريعو آهي، ڪنهن جڳهہ تي احتياط سان رکي ڇڏيو يا دفن ڪري ڇڏيو يا سمنڊ ۾ وجهي ڇڏيو.

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جا ڇپايل ڪتاب

”**بهار شريعت**“ **حصو** 16(304**صفحا**) 120 **صفحن جو ڪتاب** ”**سنتين ۽ آداب**“ **امير اهلسنت جا ٻہ رسالا** 101**مدني پهول ۽** 163**مدني پهول هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ غور سان پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر بہ آهي.**

مجھ کو جذبہ دے سفر کرتا رہوں پَروَردگار سُنّتوں کی تَربِیَت کے قافِلے میں بار بار

(وسائلِ بخشش مرمم،ص ۶۳۵)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَ صَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[2]

---

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللّٰہِ الهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰہ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰہ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

---

[1]...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[3]...القول البديع، الباب الاول، ص125

www.dawateislami.net

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

### (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا کان رِوايت آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[2]

### (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم ۽ ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّ وَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[2] ... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305